سنڌي

# بال پارتي

## درجو پهريون





- **Tele-MANAS Program**

**Tele-MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States) (14416/ 1800-89-14416)**

Under the National Mental Health Program, the centrally sponsored scheme ‘Tele-MANAS’ is being implemented in the state of Maharashtra from October 2022. Under the Tele-MANAS Program, free 24 × 7 integrated and comprehensive mental health services are provided through the helpline number 14416. This includes treatment and counselling by experts for various mental problems. The information provided by you after calling the Tele-MANAS helpline remains completely confidential, so students, parents and teachers should feel free to call the helpline number and tell them about their problems and doubts and get guidance on it. Tell others to take help from this facility as well.

Tele-MANAS app has been launched by the Central Government and is also available in Marathi language. This app provides complete information about mental health. Tele-MANAS app is available free of cost.

هي درسي ڪتاب راجيہ شئڪشڪ سنشوڌن ۽ پرشڪشڻ پريشد،مهاراشٽر، پڻي طرفان تيار ڪيل اَڀياسڪرم ۽ پاٺيہ ڪرم اَنوسار تيار ڪيو ويو آهي. اُنهن طرفان هن درسي ڪتاب جي ڇڪاس ڪئي ويئي آهي. سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ / ٤٣) ايس.ڊي.٤ تاريخ ٢٥-٠٤-٢٠١٦ موجب اِسٿاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ ١٦-٠٤-٢٠٢٥ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠٢٥-٢٠٢٦ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# ٻال ڀارتي

## درجو پهريون

## سِنڌِي



پر واري چؤڪٺ مان QR Code سمارٽ فون ذريعي اِسڪئين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۽ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيہ حاصل ٿيندو.

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پهريون ڇاپو : ٢٠٢٥
سڌاريل ڇاپو : ٢٠٢٦

© مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-٤١١٠٠٤.
مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪو به ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.

**سنڌي ڀاشا سمتي**

شري اَشوڪ ڪملداس مکتا، سڀاپتي
شريمتي ميران مهيش گدواڻي، ميمبر
شري وڃيه راڄڪمار منگلاڻي، ميمبر
ڪماري راڄيشري ڄيناند ٽيڪچنداڻي، ميمبر
ڊاڪٽر ڪاڄل اَنيل رامچنداڻي، ميمبر
ڊاڪٽر وندنا راموائي (ميمبر)
ڊاڪٽر اَميت رامچنداڻي، ميمبر

**سنيوجڪ :**

شريمتي ڪيتڪي ڄاني
(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي)

**سنيوجڪ سهايڪ :**

شريمتي گيتا گڻيش ناڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

**نرمتي :**

شريمتي مِتالي شيتپ (اِنچارج مکيه نرمتي اَڌڪاري)
شري راڄيندر پانڊلوسڪر (نرمتي اَڌڪاري)

**ٽائيپ سيٽنگ :**

ستنام ساڪي، اُلهاسنگر
ڪماري ميران چاولا

**چترڪار :**

شري اَميت ڌوتري

**پرڪاشڪ :**

شري هيمنت بابر (اِنچارج ڪنٽرولر)
پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي-٢٥.

| | | |
|---|---|---|
| **ڪاغذ** | : | ٧٠ جي.ايس.ايم. ڪريم وو |
| **پرنٽنگ آرڊر** | : | N/PB/2026-27/(200) |
| **ڇاپيندڙ** | : | Sharp Industries, Raigad |

## ماسترن لاءِ هِدايتون

- سڀ بيت، گيت، گانا، سُرتال ۽ اِشارن سان اَداڪاري ڪرائي ڇوايو. وري وري دُهرائڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- ڪِتاب ۾ ڏنل چترن، ڳالهين بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو. سوال پڇيو ۽ وڏيڪ ڄاڻ ڏِيارايو.
- جوڙن مِلائڻ لاءِ هڪ جوڙو توهين مِلائي، سمجهائي، ٻيا جوڙا ٻارن کي مِلائڻ لاءِ چئو.
- گفتگوءَ لاءِ ٻه ٻه ٻار يا گروپ ٺاهي پاڻ ۾ سُوال پُڇڻ جو اَڀياس ڪرايو. جيئن ته باغ ۾ وڃڻ، جانورن جي سنڀال بابت وغيره شين تي گفتگو ڪرايو.
- آئيويتا جا اَکر صحيح اُچار ڪري ۽ اَکرن جو آڪار سمجهايو. مِليل لفظن ۾ اُهو اَکر سُڃاڻي اُن مٿان گول پائِڻ لاءِ چئو. آئيويتا جي اَکرن جي مشق سمجهائڻ لاءِ اَکرن لکڻ جو اَڀياس ڪرايو. الڳ الڳ ماترائون سمجهائي، لفظن ذريعي اَڀياس ڪرايو. اَکرن ۽ لفظن لاءِ اَکرن ۽ لفظن لاءِ اَکرن ۽ لفظن جون الڳ الڳ رانديون ڪرايو. اُن لاءِ اَڳ ۾ ئي اَکرن ۽ لفظن جا ڪارڊ، چتر، چارٽ تيار ڪري رکو.
  اَکر جوڙي لفظ ٺاهڻ، لفظ ڪم آڻي جملا ٺاهڻ، پڙهڻ ۽ لِکڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- سِکڻ ۽ سيکارڻ وڌيڪ اَثرائتو ڪرڻ لاءِ شاگردن کي وچ، وچ ۾ رانديون، چرچا، پروليون سلڻ، وغيره جڙيون مشغوليون ڪرايو.
- مورتن مان آکاڻي لاءِ مورتون ڏيکاري، ڳالهه ٻول ڪري، سوال پُڇي آکاڻي ٺڌايو، ڇوايو ٻارن کي ٻُڌائڻ جو موقعو ڏيو. آکاڻيءَ مان ملندڙ نصيحت سمجهايو.
- تصويرن ۾ ڏنل راندين بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائي، سُوال پُڇي مختلف راندين جي ڄاڻ ڏيو ۽ رانديون ڪرايو.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ١٩٤٩ جيِ ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## ڀارتيہ سنوِڌان

### باب - چوٿونِ الف

### ناگرڪن جا بنيادي فرض

**قلم : 51 A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاوناکي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنساکان پري رهندو.

(ث) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾اڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇهي.

(ڪ) ماءُ يا ڀيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻارکي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ۾هجي.

# راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
ڳاهي تَوَ جَيَہ - ڳاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

# پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي ڳوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# علمي حاصلات

| نمبر | لياقت | علمي حاصلات نمبر | علمي حاصلات | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|---|
| ۹ | ۹.۱ | ۹.۱.۱.۱ | وڏيڪ وڏا اَڻسُڻيل گيت، وڏيڪ (۴ کان ۸) جملن واريون آکاڻيون ڏيان ۽ سمجهه سان ٻڌي ٿو. اُن بابت ڳالهه ٻولهه ڪري ٿو ۽ سوال پُڇي ٿو. | ۵۸، ۶۴، ۶۸، ۷۳، ۷۶ |
| | | ۹.۱.۲.۱ | وڏا (۱۰ جملن) وارا گيت / ڪويتا ڳائي ٿو ۽ زور سان وري چئي ٻڌائي ٿو. | ۶، ۷، ۵۸، ۶۴، ۶۸، ۷۶ |
| | ۹.۲ | ۹.۲.۱.۱ | ٽيچرس جي مدد سان ها ۾ ها ملائڻ وارا، ٻڙ ٻڙ گيت / هم آوازي / ٻٽا لفظن جا جوڙا ملائي ٿو. ننڍيون ڪويتائون تيار ڪري ٿو. | ۱، ۶، ۷، ۱۸، ۲۳، ۷۰ |
| | ۹.۳ | ۹.۳.۱.۱ | گفتگوءَ ۾ بهرو وٺي ٿو. ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي واري جو اِنتظار ڪري ٿو ۽ ٻين کي ڳالهائڻ ڏئي ٿو. | ۶، ۷، ۲۹، ۴۹، ۶۱، ۷۰، ۷۸، ۷۹ |
| | | ۹.۳.۲.۱ | ڪلاس ۾ پڙهيل يا چرچا ڪيل ڄاڻ / آکاڻيءَ جي مذڪور سان پنهنجن آزمودن مان مليل ڄاڻ / گيان کي جوڙي اُن بابت ڳالهائي ٿو. | ۲، ۳، ۴، ۵، ۲۹، ۴۵، ۶۶ |
| | ۹.۴ | ۹.۴.۱.۱ | هڪ ئِي وقت (وڌيڪ يعني ۸ / ۹ ڏاڪن) واري سوچنائن جو پالن ڪري ٿو | ۳۵، ۷۲، ۸۰ |
| | | ۹.۴.۲.۱ | ٽر نموني سان وڌيڪ ڏاڪن واريون (۸ / ۹ ڏاڪن) واريون سوچنائون ڏين ٿا. | ۳۵، ۷۲، ۸۰ |
| | ۹.۵ | ۹.۵.۱.۱ | آکاڻيءَ جو پلاٽ ۽ ڪردار جون پاونائون سمجهي ٿو ۽ آکاڻي پختائيءَ سان ٻڌائي ٿو. | ۳۰، ۴۹، ۷۳ |
| | ۹.۶ | ۹.۶.۱.۱ | سادي / عام پلاٽ ۽ ڪردار واري پنهنجي ننڍي آکاڻي ٻڌائي ٿو. | ۲۹، ۷۳ |
| | ۹.۷ | ۹.۷.۱.۱ | چتر ۽ حوالي موجب اَڻڄاتل لفظن جو مطلب اَندازي سان سمجهي ٿو. | ۲۴، ۳۶، ۵۶ |
| ۱۰ | ۱۰.۱ | ۱۰.۱.۱.۱ | لفظن مان اُچارن جا آواز جُدا ڪري ٿو. | ۳۲، ۳۴، ۳۸ |
| | | ۱۰.۱.۲.۱ | اُچارن جي آوازن مان سَوَر ۽ وِيَنجن اَلڳ ڪري ٿو. | ۳۲، ۳۴، ۳۸ |
| | | ۱۰.۱.۳.۱ | گڏيل / ٻِٽا وِيَنجن وارا لفظ سڃاڻي ٿو. لفظن کي حرف صحيح ۽ حرف علت ۾ ڀڃي ٿو. | ۳۸، ۴۵، ۴۸، ۵۴ |
| | ۱۰.۲ | ۱۰.۲.۲.۱ | ساديون بيهڪ جون نشانيون سُڃاڻي ٿو. (پورو دم، سوالي نشاني) | ۴۸، ۶۰ |
| | ۱۰.۳ | ۱۰.۳.۱.۱ | سڀ آئيويتا جا اَکر سڃاڻي ٿو ۽ مرڪب اَکرن سان گڏ صحيح اُچار سان پڙهي ٿو. | ۴۱، ۴۴، ۴۷ |
| | | ۱۰.۳.۱.۲ | گهٽ اَکري لفظ (مرڪب اَکرن سميت) سڃاڻي ٿو ۽ صحيح اُچار سان پڙهي ٿو. | ۴۴، ۴۶، ۴۷ |
| | | ۱۰.۳.۲.۱ | مرڪب اَکر جيڪي وري وري واپرائجن ٿا اُهي پڙهي ٿو. | ۲۶، ۴۲، ۵۴، ۵۵ |

| نمبر | لياقت | علمي حاصلات نمبر | علمي حاصلات | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|---|
| | | ١٠.٣.٣.١ | آئيويتا جا سڀ اَکر ۽ اُنهن جا اُچار کم آٽي پاڻ لفظ تيار ڪري ٿو ۽ اُن ذريعي ننڍا جملا ٻُڌائي ٿو. | ٥٧، ٧٢، ٦٧ |
| | | ١٠.٣.۴.١ | سڪيل اَکرن ذريعي ننڍا جملا لکو. | ٥٧، ٧٢، ٦٧ |
| | ١٠.۴ | ١٠.۴.١.١ | مناسب اُچار ۽ صحيح لاهي، چاڙهيءَ سان ننڍا جملا پوري دم سان پڙهي ٿو. | ٣٠، ۴٣، ۴٧ |
| | ١٠.٥ | ١٠.٥.١.١ | ڏسجندڙ مواد ۽ ساڳيو مذڪورر هوندڙ ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ جي شروعات ڪري ٿو. | ٣٠، ۴٣، ٥٧ |
| | | ١٠.٥.٢.١ | آکاڻين جا نوان ڪتاب پڙهي ٿو ۽ ماسترن جي رهبريءَ ۾ اِهو سمجهي ٿو. | ٣٠، ٧۴ |
| | | ١٠.٥.٢.٢ | کهاڻين جو پلاٽ ۽ ڪردار سُڃاڻي ٿو. | ١٧، ۴٩، ٧٣ |
| | ١٠.٦ | ١٠.٦.١.١ | ننڍا بيت پڙهي ٿو ۽ اِن جي لفظي معنيٰ ٻُڌائي ٿو. | ٨، ٥٨، ٧٥ |
| | ١٠.٨ | ١٠.٨.١.١ | چِترن جو سِلسِلو ناهي ٿو ۽ ننڍا جملا لکي ٿو. (آئيويتا جا اَکر ۽ اُچار واپرائي لکي ٿو. | ٩، ١٠، ۴٩، ٥٠، ٥١ |
| | | ١٠.٨.١.٢ | لفظ ۽ ننڍا جملا لکِي چِترن جو بيان ڪري ٿو. | ٣، ٥، ۴٢، ٦٢، ٧٢، ٧٥ |
| | | ١٠.٨.٢.١ | ٿن يا چئن اَکرن جي لفظن جي صورتختي ڪن ٿا. | ٢٢، ٥٣، ٥٥، ۴٦ |
| | | ١٠.٨.٢.٢ | آئيويتا جي اَکرن ۽ اُچارن جو اُپيوگ ڪري به ٽي جملا پاڻ لکي ٿو. مثال پنهنجو آزمودو چتر يا شيءِ جو ورنن پنهنجن لفظن ۾ ٻن ٽن جملن ۾ لکي ٿو. | ٥٧، ٥٥، ۴٧ |
| | ١٠.٩ | ١٠.٩.١.١ | پاڻ کي وڻندڙ ڪتاب ٻڌائي ٿو. ننڍا ڪتاب نيم سان پڙهي ٿو. | ٣٠، ۴٣، ٧۴ |

درجي پهرين جي شاگردن کي سال جي اَندر گهٽ ۾ گهٽ مٿي ڏنل علمي حاصلات پوري ڪرڻ ضروري آهي. عملي حاصلات جي ير ۾ ڏنل صفح نمبر ڪانسواءِ ٻين صفحن تي پڻ علمي حاصلات تي سگهي ٿي.

- ترنگي جهنڊي جا رنگ جيڪڏهن مناسب نه هُجن ته اُهي تڪنيڪي ڪارڻ سبب ٿي سگهن ٿا.

## ★ درسي ڪتاب ۾ واپرايل نِشانيون


اَچو ته ٻُڌون


اَچو ته ڳايون


اَچو ته لِکون


ماسترن لاءِ


اَچو ته سِکون


اَچو ته پڙهون


اَچو ته رَنگ ڀَريو

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

توهان هن سال پهرئين درجي ۾ آيا آهيو توهانجو تهدل سواگت! درجي پهرئين جو سنڌيِ ٻال ڀارتيِ درسيِ ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشيِ ٿيِ رهيِ آهي.

قوميِ تعليميِ نيتي ۲۰۲۰ ۽ ان تي آڌارت بنيادي تعليميِ اڀياسڪرم : ۲۰۲۴ سامهون رکي، تاهيل هي درسي ڪتاب توهان کي ضرور وڻندو. درجي پهرئين ۾ اَچڻ کان اَڳ ٻال مندر سطح تي ٻولي سِکڻ بابت توهان ڪيترن ئيِ اَکرن سان شروعاتيِ سڃاڻپ ڪئيِ آهي. ڪيترن ئيِ گيتن، آکاڻين ۽ جُدا جُدا مشغولين ذريعي توهانجي سنڌيِ ٻوليءَ سان واقفيت ٿيِ آهي. هن سال ٻه توهان کي درسي ڪتاب ۾ چترڻ ورڻن، گيت، آکاڻيون، اَکر، سُر، لفظيِ پروليون، رانديون، مشغوُلين وغيره الڳه الڳه ڳالهيون سِکڻ لاءِ مِلنديون. توهانجي ٻولي سِکڻ جو پايو مضبوط ٿيڻ لاءِ ۽ سنڌيِ ٻولي ٻُڌي نموني لِکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ اهو درسيِ ڪتاب توهان لاءِ پڪ ئيِ مددگار ٿيندو. ٻوليِ سِکڻ مزيدار ۽ وندرائيندڙ ٿيڻ لاءِ ان درسي ڪتاب جو مواد موجب موهيندڙ ۽ اظهاري تصويرون ڏنل آهن.

هِن درسي ڪتاب ۾ گيِت، بيت آهن. اُهي توهان سڀني کي گڏجيِ ڳائڻ وقت خوُب مزو ايندو. ساڳيءَ رِيت آکاڻيون ٻه ڏنيون ويون آهن. آکاڻيون ٻُڌڻ ۽ ٻُڌائڻ وقت ٻه توهان کي ڏاڍو مزو ايندو. چترن (تصويرن) مان آکاڻيِ تيار ڪري اُها دوستن يا ساهيڙين کي ٻُڌائڻ ۾ توهين رمجيِ ويندا. چتر ڏسي، ڳالهيون ڪرڻ، ۽ توهان سڀني کي پنهنجا آزمودا ٻُڌائڻ ۽ ٻُڌڻ ۾ مزو ايندو.

ڀاشا جا اَکر، لفظ، سکڻ لاءِ توهان کي وڻندڙ گهڻيئي رنگين چتر، تصويرون ڏنيون آهن. شروعات ۾ چترن مان اَکر ۽ لفظ سکڻ ۾ پڪ ئيِ پڪ توهان کي مزو ايندو.

ٻُڌيِ ڏِسي ۽ چئي چئي پڙهڻ سِکندا، ليڪن مٿان لِکيِ لِکي لِکڻ سِکندا. اَڀياس ڪري ڪري اُهو پڪو ڪندا ۽ اِهو سڀ وِندر ۽ مزي سان هِتي اَکرن جون رانديون پڻ ڏنل آهن. اُهي راند ڪندي ڀاشا سِکڻي آهي. لفظ، جُملا پڙهندي سبق پڙهڻ ۽ کِلندي کُڏندي نوان سبق تيار ڪبا. اِنهن سڀني مان توهين پنهنجو پاڻ سِکڻ جيِ موُج ماڻيندا. هن درسي ڪتاب جي گيتن، بيتن، آکاڻين، لفظن جي گروهن، چتر جاچڻ ۽ ٻُڌائڻ.

پهرين درجي جو سال پورو ٿيندي ٿيندي توهين تمام سُنو ڳالهائڻ سِکي وٺندا. سُٺي نموني پڙهڻ ۽ سُهڻي نموني لِکڻ ٻه سِکندا. پيارا شاگرد دوستو، مؤج مزي سان سِکندي سِکندي توهين گهڻو اَڳيان وڌو. اِن لاءِ توهان کي گهڻيئيِ شُڀ ڪامنائون.

(ڪرشن ڪمار ڀاسڪرراو پاٽيل)
ڊائريڪٽر
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و
اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - ۴.

پڻي
تاريخ : ۳۰ اَپريل ۲۰۲۵
ڀارتيه سؤر : ۱۰ ويساک، ۱۹۴۷
اَکڻ ٽيج

# فهرست


| نمبر | وشيہ | صفحہ نمبر |
|---|---|---|
| ١. | پرارٿنا | ١ |
| ٢. | مُنهنجي سُڃاڻپ | ٢ |
| ٣. | مُنهنجو فوٽو فريم | ٣ |
| ٤. | مِٽ مائٽ | ٤ |
| ٥. | مُنهنجو گهرُ | ٥ |
| ٦. | بدن جا عُضوا | ٦ |
| ٧. | مزو آيو | ٨ |
| ٨. | مشغوُلِي - ١ | ٩ |
| ٩. | مشغوُلِي - ٢ | ١٠ |
| ١٠. | چِٽر پڙهڻُ | ١١ |
| ١١. | بُنيادي ليڪوُن | ١٢ |
| ١٢. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ١ | ١٣ |
| ١٣. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ٢ | ١٥ |
| ١٤. | سِياڻو ڪانءُ - مورتن مان آکاڻي | ١٧ |
| ١٥. | پَکِي | ١٨ |

| نمبر | وشيہ | صفحہ نمبر |
|---|---|---|
| ١٦. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ٣ | ١٩ |
| ١٧. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ٤ | ٢١ |
| ١٨. | پيسو لَڌُم پَٽ تان | ٢٣ |
| ١٩. | رَنگہ | ٢٤ |
| ٢٠. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ٥ | ٢٥ |
| ٢١. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ٦ | ٢٧ |
| ٢٢. | گُفتگوُ (صِحبت) | ٢٩ |
| ٢٣. | لئبررِي | ٣٠ |
| ٢٤. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ٧ | ٣١ |
| ٢٥. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ٨ | ٣٣ |
| ٢٦. | راند ڪريون | ٣٥ |
| ٢٧. | سليو پروليون | ٣٦ |
| ٢٨. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ٩ | ٣٧ |
| ٢٩. | اَچو تہ اَکر سِکوُن - ١٠ | ٣٩ |
| ٣٠. | آئيويِٽا | ٤١ |

| نمبر | وشيہ | صفحہ نمبر |
|---|---|---|
| ٣١. | لِکڻ جو اَڀياس | ٤٢ |
| ٣٢. | سهڪار | ٤٣ |
| ٣٣. | ٻِن اَکرن وارا لفظ | ٤٤ |
| ٣٤. | ميوا | ٤٥ |
| ٣٥. | ٽِن اَکرن وارا لفظ | ٤٦ |
| ٣٦. | اَ کان ايَ ماترائن وارا لفظ | ٤٧ |
| ٣٧. | بيهڪ جوُن نِشانيون - ١ | ٤٨ |
| ٣٨. | جانورن جو باغ | ٤٩ |
| ٣٩. | جانور | ٥٠ |
| ٤٠. | عجيب دنيا | ٥١ |
| ٤١. | اَچو تہ ڏُڏُ ناهيون | ٥٢ |
| ٤٢. | مشغوُلِي - ٣ | ٥٣ |
| ٤٣. | ڏسو ۽ لِکو | ٥٤ |
| ٤٤. | اَچو تہ جُملا لِکون | ٥٥ |
| ٤٥. | صحيح چُهاءُ / غلط چُهاءُ | ٥٦ |

| نمبر | وشيہ | صفحہ نمبر |
|---|---|---|
| ٤٦. | مشغوُلي - ٤ | ٥٧ |
| ٤٧. | هلو، هلون ميلي ۾ | ٥٨ |
| ٤٨. | بيهڪ جوُن نِشانيو - ٢ | ٦٠ |
| ٤٩. | اَچو تہ ڳالهيون ڪريون | ٦١ |
| ٥٠. | پيشا | ٦٢ |
| ٥١. | هم آوازي لفظ | ٦٣ |
| ٥٢. | ڀاڄيون | ٦٤ |
| ٥٣. | باغيچو | ٦٦ |
| ٥٤. | هفتي جا ڏينهن | ٦٨ |
| ٥٥. | گُڏِي | ٧٠ |
| ٥٦. | سُٺيون عادتون | ٧٢ |
| ٥٧. | مددگار هاٿِي | ٧٣ |
| ٥٨. | مشغوُلِي -٥ | ٧٥ |
| ٥٩. | ٻارن جي ريل | ٧٦ |
| ٦٠. | سوُچنائون | ٧٨ |
| ٦١. | گُفتگوُ (ڏِڻَ) | ٧٩ |

# ١. پرارٿنا

ٻُڌو ۽ ڳايو.




ڏي سُمَتِ اَھڙِي.
ڪَريوُن هِندُ جو اوُچو شانُ.

سَچُ ڳالِهايوُن، سَچُ وِرتايوُن.
سادو کائوُن، سادو پايوُن.
ڏي سُمَتِ اَھڙِي.

گِيتَ پيارَ جا هَردَمِ ڳايوُن.
سَڀَ کي پَنهِنجي گَلي لَڳايوُن.
ڏي سُمَتِ اَھڙِي.

شاگردن کي پرارٿنا جِي اَهميت سمجھائيندو. سُر تال ۾ چوائيندو. ماستر شاگردن کان ٻيون کھڙيون پرارٿنا ڪندا آهن اِن بابت پڇندو.

# ٢.مُنهِنجِي سُڃاڻپَ

ڌيان سان ٻُڌو ۽ پاڻ بابت ٻُڌايو.



مُنهِنجو نالو گيِتا آهي.

مُنهِنجِي عُمِر ڇَهه سالَ آهي.



مان پُٽي ۾ رَهندي آهِيان.

مُنهِنجو پيءُ ڊاڪِٽَرُ آهي.

مُنهنجي ماءُ ماسِترياڻي آهي.



مُنهِنجو ڀاءُ راجوُ آهي.

مُنهنجي ڀيڻَ مِيران آهي.

مان پرارِٿنا ڪَندي آهيان.



مان اِسڪوُلَ ۾ ويندي آهِيان.

مان شامِ جو رانڊِ ڪَندِي آهِيان.

ماستر ٻُلند آواز ۾ سبق پڙهندو ۽ شاگردن کي ڌيان سان ٻُڌڻ لاءِ چوندو. ٻارن کان ننڍا ننڍا سوال پُڇندو. مثال : نالو، عمر، گهر جو پتو وغيره. شانت ٻار يا شرميلا ٻار، اُنهن کي سُڃاڻي، جوابن لاءِ همٿائيندو.

# ٣. منھنجو فوٽو فريم

ڏسو جاچيو ۽ پنھنجي ڪُٽنب جو فوٽو خالي باڪس ۾ چنبڙايو ۽ اُن بابت ٻُڌايو.



ماستر شاگرد کان چِٽر بابت سوال پُڇندو. مثال: چِٽر ۾ ڪير ڪير نظر اَچي رھيو آھي؟
ڪُٽنب جي ڀاتِين بابت ڳالھہ ٻولھہ ڪندو. مثال: چِٽر ۾ نظر ايندڙ شخص ۾ ڪھڙو رشتو ھوندو؟
ماستر شاگردن کي جُدا جُدا جواب ڏيڻ لاءِ ھمٿائيندو. مثال: توھان جي ڪٽنب ۾ ڪير ڪير آھي؟

# ۴. مِٽ مائٽ



ٻُڌو ۽ سمجهو. مائٽن بابت ٻڌايو.





پيءُ جي پيءُ کي ڏاڏو.

پيءُ جي ماءُ کي ڏاڏي.

ماءُ جي پيءُ کي نانو.

ماءُ جي ماءُ کي نانِي.





پيءُ جي ڀاءُ کي چاچو.

چاچي جي زالَ کي چاچِي.

ماءُ جي ڀاءُ کي مامو.

مامي جي زالَ کي مامِي.





پيءُ جي ڀيڻَ کي پُڦي.

پُڦيءَ جي گهوٽَ کي پُڦڙُ.

ماءُ جي ڀيڻَ کي ماسِي.

ماسيءَ جي گهوٽَ کي ماسَڙُ.







ماستر مٽ - مائٽن بابت سوال پُڇندو. مثال : پيءُ جي ماءُ کي ڇا چئبو آهي؟ چاچو-چاچي، نانو-ناني اِنهن لفظن مان ٻارن کي جنس مُذکر ۽ جِنس مونث بابت عام ويچار سمجهائيندو. جِنس بابت سوال پُڇندو. مثال : نانِي - نانو، چاچِي - چاچو وغيره.

# ٥. مُنهِنجو گھرُ



ٻُڌو ۽ پنھنجي گھر بابت ٻُڌايو.













مُنھِنجو گھرُ سُٺو آھي.

گَھر ۾ ٽي ڪَمِرا آھِن.

ھِڪ ڪَمِري ۾ صوفا سيٽَ آھي.

ھِڪ ڪَمِري ۾ ميزَ ۽ ڪُرسِيُوْن آھي.

ھِڪ ڪَمِري ۾ پَلنگَ ۽ ڪَٻَٽ آھِن.

اَسين گَھرُ صافُ رَکَندا آھِيُوْن.

گَھرَ جي ٻاھِران گُلن جُوْن ڪُوْنڊِيون آھِن.

اَسين اُنھَنِ کي پاڻِي ڏِيندا آھِيُوْن.

مُنھِنجو گھرُ تَمامُ ھوادارُ آھي.



ماستر ھرھڪ ٻار کان گھر بابت جُدا جُدا سوال پُڇندو. مثال : منھنجي گھر ۾ گھڻا ڪمرا آھن؟ ٻارن کي جواب ڏيڻ لاءِ ھِمٿائيندو. گھر جي صفائي ڪير ڪندو آھي؟ گھر ۾ سامان بابت ڳالھہ ٻولھہ ڪرائيندو. مثال رنڌڻو، پڙھڻ جي جڳھہ وغيره. گھر جي صاف صفائيءَ بابت سوال پُڇي ٻارن جي ڄاڻ وڌائيندو.

# ٦. بَدَنَ جا عُضوا



ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.





هِي مُنهِنجون اَکيوُن

ٻَہ ٻَہ اَکيوُن



هي مُنهِنجا ڪَنَ

ٻہ ٻہ ڪَنَ



هي مُنهِنجا هَٿ

ٻہ ٻہ هَٿ



هي مُنهِنجوُن ٻانهوُن

ٻہ ٻہ ٻانهوُن



هي مُنهِنجوُن ٽنگوُن

ٻہ ٻہ ٽنگوُن



هي مُنهِنجا پيرَ

ٻہ ٻہ پيرَ



هيءُ مُنهِنجا چَپَ

ٻَہ ٻہ چَپَ





هيءُ مُنهِنجا گوڏا
ہہ ہہ گوڏا



هيءُ منهِنجون نُوڻنُوڻ
ہہ ہہ نُوڻنُوڻ



هيءُ مُنهِنجو نَڪُ
هِڪُ ئي نَڪُ



هيءُ مُنهِنجي جِڀَ
هِڪَ ئي جِڀَ



هيءُ مُنهِنجا ڏَند
اَجا اَجا ڏَند



**مشغولي :**

مثال سمجهي صحيح ۽ غلط ٻڌايو.

**مثال : مان اَکين سان ڏسندو / ٻڌندو آهيان.**

(١) مان ڪنن سان سنگهندي / ٻڌندِي آهيان.

(٢) مان نڪ سان سِنگهندو / ڏسندو آهيان.

(٣) مان هٿ سان شيون ڪٽندو / هلندو آهيان.

(۴) مان پيرن سان هلندي / چکندي آهيان.

(۵) مان جِڀ سان چکندي / سِنگهندي آهيان.



ماستر عضون جي ڄاڻ ڏيندو. مثال : هٿن سان ڪم ڪندا آهيون. حواسن جي ڄاڻ ڏيئي اُنهن جا ڪم پُڇندو. مثال : اِکيون ڏسڻ لاءِ، نڪ سنگهڻ لاءِ وغيره. عضون جي صفائيءَ بابت ٻارن ۾ گُفتگو ڪرائيندو. ماستر شاگردن ڪان سوال پڇندو. مثال : اکين سان ڇا ڪندا آهيون؟ ٻڌندا ڪنن سان آهيو؟ پير ڪهڙي ڪم ايندا آهن؟

# ٧. مزو آيو

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



ويو هوس اَڄ اِسڪوُل،
مَزو آيو، مَزو آيو.



پِيوشُ آيو دوست بڻيو،
وِنود موُنکي خوُبِ وَڻيو.
سواڳت اَسانجو خوُب ٿِيو.
اَسان کي هِڪُ گُلُ مِليو.
مَزو آيو، مَزو آيو.



رنگ رنگيليوُن پِتيوُن پَنکا،
ڊيسَڪ، بورڊ، چِترَ، اَنوکا،
کيڏڻ لاءِ هو هِڪُ هال،
جِتي کيڏي بيٽ بال،
مَزو آيو، مَزو آيو.





ماستر ڪلاس ۾ اِسڪول بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو. مثال : توهان کي اِسڪول ۾ ڇا ڇا وڻندو آهي؟
ٻارن کي ڪجهه راندين بابت ٻڌائي، ٻين راندين لاءِ پُڇندو. مثال : توهان جي من پسند راند ڪهڙِي آهي؟

# ٩ مَشغوُلِي - ٢

## اِسڪوُل مان اَچڻ ڪان پوءِ مُنهنجوُن مَشغوُلِيوُن.











ماستر ’اِسڪول مان اَچڻ ڪان پوءِ‘ ٻار ڇا ڪندا آهن؟ اَهڙي نموني سِلسِلا ٻُڌائڻ لاءِ چوندو. ٻارن ڪان سِلسِلن بابت سوال پُڇندو ۽ اُنهن جي جوابن بابت ٻارن وچهِ ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو. ماستر ٻارن ڪان روز مره جي ٻين سِلسِلن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو.

# ١٠. چِتر - پڙهڻ

ڏسو جاچيو ۽ ٻُڌايو.



ماستر شاگردن کان چِتر بابت اَلڳ اَلڳ سوال پُڇندو. مثال : (١) چِتر ۾ ڇا ڇا ڏسڻ اَچي ٿو. (٢) ناريل جا وڻ ڪيتي آهن؟ (٣) ڪُل ڪيتريون ٻيڙيون نظر اَچن ٿيون؟ وغيره. ماستر شاگردن کي اَهڙا پنهنجا آزمودا ونڊڻ لاءِ چوندو.

# ١١ بنيادي ليکون

سنڌي اَکر لاءِ بُنيادِي لِيڪُون ڏسو، جاچيو ۽ لِيڪُون ڪڍو.



# ١۴. ’سياڻو ڪانءُ‘ - مورتن مان آکاڻي

ڏسو، جاچيو ۽ ٻُڌايو.















ماستر هڪ هڪ چِتر بابت شاگردن کان سوال پُڇندو. مثال : (١) ڪانءُ ڇا ڳولهي رهيو آهي؟ (٢) پاڻي ڪنهن ۾ پيو آهي؟ (٣) ڪانءَ پاڻي ڇا سان پيتو؟ سيني چِترن کي گڏي شاگردن کي آکاڻيءَ بابت اَندازو لڳائڻ لاءِ چوندو. اَهڙي نموني ٻين چِترن جي مدد سان آکاڻيءَ بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو.

# ١٥. پَکِي




ٻُڌو، ڳايو ۽ اَداڪاري ڪريو.

پَکِي سڃاڻو ۽ اُنهن بابت ٻڌايو.






ڪوئِل ڳائي ڪُو - ڪوُ - ڪوُ،

ڪُڪُڙ ڪَري تو ڪُڪُڙو ڪُون.

جِهرڪِي چوي ٿِي چِين چِين چِين

ڪري ڪَبوُتر گُٽر گوُن.

ڪانءُ ڪري ٿو

ڪان ڪان ڪان،

ٻولي طوطو مِنوُ مِنوُ.







ماستر شاگردن کان جدا جدا پکين جا آواز ڪڍڻ لاءِ چوندو. مثال: ڪوئل جو آواز ڪڍي ٻڌايو. ڪانءُ جو آواز ٻڌايو.

ماستر ٻارن کي جدا جدا پکين جي ڄاڻ ڏيندو.

# ١٨. پيسو لَڌُم پَٽَ تان





ٻڌو، اَداڪاريءَ سان ڳايو ۽ تصويرن بابت ٻڌايو.





پيسو لَڌُم پَٽَ تان،
پيسي وَرِتُم ڳاهه،
ڳاهه ڏِنُمِ ڳانءِ کي،
ڳانءِ ڏِنو کيرُ،
کيرُ ڏِنُم اَمان کي،
اَمان ڏِنو لولو،
لولو ڏِنُم ڪانوَ کي،
ڪانوَ ڏِنو کنڀُ،
کنڀُ ڏِنُم راجا کي،
راجا ڏِنو گهوڙو،
چَڙهِي گهُمُ چڙهِي گهُمُ،
چَندن قتاڪو،
جيئي منهنجو ڪاڪو.





















شاگردن کان ننڍا ننڍا سوال پُڇندو. مثال : (۱) پٽ تان ڇا لڌو؟ (۲) راجا ڇا ڏنو؟
ماستر اهڙا ٻيا گيت ٻڌائي اَڀياس ڪرائيندو. مثال : (۱) جو کير پيئي (۲) مُنهنجِي اَمڙ (۳) واهه ڙي تارا

# ١٩. رَنگَ





هرهِڪَ رَنگَ جون ٻہ شيوُن ٻُڌايو.



اَڇو جَهِڙو کيرُ



ڪارو جَهِڙو ڪانءُ



ڳاڙهو جهڙو ٽماٽو



پيلو جَهِڙو ليمو



نيرو جَهِڙو آسمانُ



گُلابي جَهِڙو گُلابُ



سائو جَهِڙو گاهُ



واڱڻائي جَهِڙو واڱڻُ



ناسي جَهِڙو چِڪوُن



ماستر ٻارن کي رنگن بابت ڄاڻ ڏيندو. هرهڪ رنگ جون ٻہ - ٻہ شيون پُڇندو. مثال : ڪارو - بورڊ، ڪوئل ڊرائينگہ ڪڍڻ لاءِ همٿائيندو. مثال : گهر ڪڍي رنگہ پرڻ. رنگين چاڪ، ڪريان وغيره اِستعمال ڪرڻ لاءِ همٿائيندو. مثال : چتر ڪڍي رنگہ پرڻ. اِنڊلٺ جي رنگن بابت سوال پُڇِي ڄاڻ ڏيندو. مثال : اِنڊلٺ ۾ ڪهڙا رنگہ هوندا آهن؟

# ٢٢. گُفتَگوُ (صِحت)



اُشا : تُنهِنجا ننهَن تہ وَڏا ٿي وِيا آهن.

نيِتا : مونکي وَڏا ننهَن سُٺا لَڳَندا آهن.

اُشا : اِهو سُٺو نہ آهي.

نيِتا : ڇو؟

اُشا : ننهَن ۾ مِٽي جَمَعُ ٿِيندي آهي.
اُن سان بيماري ٿِيندي آهي.

نيِتا : اَڄِ ئي مان ننهَن ڪٽِيندَسِ.

ماستر صِحت ۽ تَندُرستيءَ بابت ڄاڻ ڏيندو. ٻن ٻارن وچ ۾ جُدا جُدا وشيہ ڪٿي ننڍا گُفتَگوُ ڪرائيندو. مثال : هڪُ ٻارُ ٻيو ٻارُ، ماستر شِاگرد، ڊاڪٽر مريِض. اَهڙي نموني ٻارن ۾ سَيني اَڳِيان ڳالهائڻ جو مؤقعو ڏيئي هِمت وڌائيندو.

# ٢٣. لَئبررِي

## اَچو تہ پَڙهُون.




## اَچو تہ ڳالهايُون.




- وَڏندڙ ڪِتاب جو نالو ڇا آهي؟
- توهانکي وَڻيَل ڳالهِہ ٻُڌايو.

## تِرَنگي جَهنڊي ۾ رَنگَ ڀَرِيو.



هِي اسانجو تِرَنگو جَهنڊو آهي.

هِنَ ۾ ڪيسِرِي، اَڇو ۽ سائو رَنگَ آهي.

وِچ ۾ اَشوڪ چَڪر ڏِنَلُ آهي.

سَڀُ تِرَنگي جي عِزَتَ ڪَندا آهن.

ماستر ٻارن کي ڪِتابَ پڙهڻ لاءِ هِمت وڌائيندو. پڙهيل ڪتابن بابت ڪلاس ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندو. ٻارن کي قؤمي گُل، قؤمِي پکِي، قؤمِي جانور، قؤمِي راند بابت ٻڌائيندو

# ٢٦. راند ڪريون

ٻڌو، اَداڪاريءَ سان ڳايو ۽ تصويرن بابت ٻڌايو.





هڪ چوڻ سان ويهي رهون
ٻہ چوڻ سان اُٿي بيهون
ٽي رکون هٿ ڪاٻي ڪلهڙي
چار چئون ٽا ساڄي ڪلهڙي





پنج رکون هٿ پيرن تي
ڇهہ چڙيون ٽا چيڙن تي
ستن سان ٽا ڦيري پايون





اَٺ چئي ٽا تاڙي وڄايون
نَو چوڻ سان ڪريون پرڻام
ڏهہ چئي بس ڪريون آرام.

ماستر راندين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندو. سوچنائون ٻڌڻ گھرجن ۽ اُنهن جو پالن ڪرڻ گھرجي، اِهي مثالن سان سمجهائيندو. جئن : مٿي تي هٿ رکو، ٻانهون ٻڌو، وغيره. ساڳئي نموني ٻارن مان واري واري سان اُنهن کي ليڊر بڻائي، ٻين ٻارن کي سوچنائون ڏيندو ۽ ٻيا ٻار اُنهن سوچنائن جو پالن ڪندا. ماستر بيت ۾ آيل هم آوازي لَفظ شاگردن کي ٻڌائيندو.

# ٢٧. سليو پروليون



١. ميون جو مان راجا آهيان،
وڏن وڻن مان پاڻ پسايان،
اونهاري جو ميوو نيارو،
مِنو مِنو آهِيان رسُ وارو.

٢. ڪڏهن جڏهن برسات وسي ٿي،
ست رنگي هڪ پٽي نهي ٿي،
اُپ جي مان ٿي رونق بڻجان،
سيني ڪي ٿي خوب وڻان.

٣. بِنا پرن مان اُڏندو آهيان،
ڌاڳي تي مان نچندو آهيان،
رنگبرنگي آهيان آنءُ،
ٻارو ٻڌايو، ڇاهي نانءُ؟

٤. ڪارو آهيان، ڪوئِلو ناهيان،
اُڏندو آهِيان، دونهون ناهِيان،
هڪ اَک سان سڀ ڏِسندو آهيان،
ٻارو، ٻڌايو ڪير مان آهيان؟

ڏنل چترن ۾ فرق سُڃاڻو.





ماستر شاگردن کي جُدا جُدا چتر ڏيکاري اُنهن ۾ فرق جاچڻ لاءِ چوندو.

# ٣٠. آئيوِيتا



ڏسو ۽ لِکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | پ | ڀ |
| ت | ٺ | ٽ | ث | ٿ |
| ک | گ | ڳ | ڱ | گهہ |
| ف | ڦ | ر | ز | ڙ |
| د | ذ | ڌ | ڏ | ڊ |
| ڍ | س | ش | و | ل |
| م | ڪ | ق | ن | ڻ |
| ح | ج | ڄ | ڃ | چ |
| ڇ | خ | ھ | جھ | ص |
| ض | ع | غ | ط | ظ |
| ي | ء | | | |



ماستر هڪ دفعو سڄي آئيوِيتا چوائيندو. ماستر شاگردن کي حرف علت (سُرَ) ۽ حرف عِلت (وِيَنجن) بابت ڄاڻ ڏيندو.
ا، ء، ي اهي حرف سُر ۽ ويَنجن ٻنهي روُپن ۾ ڪم ايندا آهن.

# ٣٢. سَهڪارُ

ڏسو، جاچيو ، پڙهو ۽ ٻُڌايو تہ توهين ڇا سِکيا.



اِسڪوُل جو گهِنڊُ لڳو.
سڀُ ٻارَ اِسڪوُل مان ٻاهر نِڪتا.
ڪاجل ڏٺو برسات پَئِي رَهِي آهي.
ڇَٽِي کڻِي گهر طرف وڃڻ لڳِي.
سندس ڏِيان نِرملا ڏانهن ويو.
اُها برسات ۾ پُسِي رَهِي هُئِي.
ڪاجل هن کي يڪدم سڏ ڪيو.
پنهنجي ڇَٽِيءَ ۾ لِڪايو.
برسات کان بَچايو.
کيس گهر ڇڏيو.









اَسان کي ٻين جِي مدد ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ ماستر اِن جي ڄاڻ ڏيندو ۽ ٻارن کان آزمودا پُڇندو. جدا جدا حالتن ۾ سهڪار ڪرڻ بابت سوال پُڇندو ۽ هڪ ٻئي کي سهڪار ڪرڻ جِي اَهميت سمجهائيندو. مثال : (١) توهان جي دوست کي ڏکُ لَڳڻ تي اُن جي ڪيئن مدد ڪندا؟ (٢) گهر ۾ ماءُ کي ڪم ۾ ڪيئن سهڪار ڪندا؟ لئبرريءَ مان مهان پرشن جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

# ٣٢. ٻِنِ اَکرَنِ وارا لَفظ



## ڏسو، جاچيو، پڙهو ۽ لِکو.



| | | | |
|---|---|---|---|
|  | پَ نَ | پَنَ | ...................... |
|  | ڪَ نَ | ڪَنَ | ...................... |
|  | کَ ٽَ | کَٽَ | ...................... |
|  | مَ ٽَ | مَٽَ | ...................... |
|  | نَ ڪُ | نَڪُ | ...................... |
|  | اَ نُ | اَنُ | ...................... |
|  | خَ طَ | خَطَ | ...................... |
|  | ڦَ لَ | ڦَلَ | ...................... |
|  | نَ لَ | نَلَ | ...................... |
|  | چَ پَ | چَپَ | ...................... |



ماستر اَکرن مان لفظ ٺهندا آهن، اِها ڄاڻ ڏيندو. ٻِن اَکرن ۽ ٽِن اَکرن وارن لفظن سان شروعات ڪندو.

ڪجهه مثال پاڻ پُڇندو. مثال : (١) وَ + ٽَ = ☐ (٢) ڪ + ن = ☐ (٣) هَ + ٿَ = ☐

# ۳۴. ميوا



ڏسو، جاچيو، پڙهو.



اَنبُ ميوَن جو راجا آهي.



ڪيلا سَستا ۽ سَوادِي ٿيندا آهن.



صوُفَ صِحَت لاءِ سُٺا ٿِيندا آهن.



نارَنگِيوُن،



اَنجِيرَ



زيتوُن،



اَنگوُر،



چِڪوُن



ڏاڙِهوُن،



سِيتاڦل

تِندُرِستيءَ لاءِ فائِديمَندُ

ٿِيندا آهن.



ماستر ميون بابت بيت سمجھائي، جدا جدا ميون جي چاڻ ڏيندو. ميون جِي اَهميت سمجھائيندو. ٻارن کان سوال پُڇندو. مثال : (۱) توهان کي ڪهڙا ميوا پسند آهن؟ (۲) ميون جو راجا ڪير آهي؟ توهان ميوا ڪٿان خريد ڪندا آهيو؟ وغيره. ڇوڪنديءِ ۾ ميون جا نالا لِکائڻ ۾ مدد ڪندو.

# ٣٥. ٽِنِ اَکرَنِ وارا لَفَظ

ڏسو، جاچيو، پڙهو ۽ لِکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | اَ گَ رَ | اَگَرَ | ...................... |
|  | بَ گهه ڙ | بَگهڙ | ...................... |
|  | پَ ڪَ ڙ | پَڪَڙ | ...................... |
|  | نَ ظَ رَ | نَظَرَ | ...................... |
|  | پَ ٿَ رَ | پَٿَرَ | ...................... |
|  | رَ بَ ڙ | رَبَڙ | ...................... |
|  | مَ ڇَ رَ | مَڇَرَ | ...................... |
|  | خَ چَ رَ | خَچَرَ | ...................... |
|  | ٽَ ڪَ رَ | ٽَڪَرَ | ...................... |
|  | بَ ڪَ لَ | بَڪَلَ | ...................... |

هـ + ٿ = ☐    وَ + ڻ = ☐    مَ + ٿَ + ر = ☐    گَ + جَ + رَ = ☐

آهڙي نموني ماستر شاگردن کان ٻيا نوان لفظ ٺارائيندو.

# ٣٦. اَ کان اَي ماترائن وارا لفظ

اَکر گڏي لفظ لِکو ۽ پڙهو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| کَ کَ رَ<br>ڦَ ٽا ڪا | ..........<br>.......... | ڪَ پِ ڙا<br>شِ ڪِ لِ | ..........<br>.......... | پَ تَ شا<br>ڪ ي ڪُ | ..........<br>.......... |
| ڏا ڍِ و<br>س وُ ٽِ | ..........<br>.......... | گِ لا سُ<br>گَ ؤ تَ م | ..........<br>.......... | تَ ڪَ رَ<br>ڏ آ ڪ و | ..........<br>.......... |
| ڪ مِ ر و<br>ڪِ تا بُ | ..........<br>.......... | بَ بِ ل وُ<br>دَ ٻا و | ..........<br>.......... | م هِ رَ<br>ڪا ر و | ..........<br>.......... |

جُمِلا پَڙهو ۽ سُهِڻَن اَکرن ۾ لِکو.



مورُ اَسانجو قوُمي پَکي آهي.

..............................

مورَ جا کَنبَ وَڻندا آهِن.

..............................

مورَ جا پيرَ سَنهِڙا ٿيندا آهِن.

..............................

مورُ ٺُمَڪَ ٺُمَڪَ هَلَندو آهي.

..............................

ماستر شاگردن کان اَهڙيءَ ريت جدا جدا ٽکر ڏئي پڙهڻ لاءِ چوندو ۽ سُهڻن اَکرن ۾ لِکڻ لاءِ همٿائيندو.

مثال : (١) ماءُ (٢) اِسکوُل



## پورو دم

جُملو پورو ٿيڻ تي (.) نِشاني لڳائبي آهي.

اِن نِشانيءَ کي پورو دم چئبو آهي.



مثال : (١) مان اِسڪول وَڃان ٿو.

(٢) باغ ۾ ڪيترائي ٻوٽا آهن.

(٣) ياونا پڙهڻ ۾ هوشيار آهي.

مثال سمجهي جُملا لِکو ۽ آخرِ ۾ ”پورو دم“ نِشاني ڏيو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مثال : | رام | ڪاڏو | اَنب | رام اَنبُ ڪاڏو. |
| (١) | تون | هيڏانهن | اَچُ | ................................... |
| (٢) | راڏا | ڪئي | راند | ................................... |
| (٣) | مان | وڃان ٿو | اِسڪول | ................................... |

### نِئا لَفَظ

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏام - ڏوم | ناز - نخرو | راند - روند | چاتل - سُچياتل |
| ڪاڏو - پيتو | سُڪيو - سنابو | چند - قوڪ | شانُ - مانُ |
| ڪائڻ - پيئڻ | سُڪ - دُڪ | نَچڻ - ٽَپڻ | رينون - رَسمون |

# ٣٨. جانورن جو باغ



## پڙهو.



رام : دادا، اَڄ آرتوار آهي،.
اَسان کي گُهمڻ وڃي هلو!

دادا : ڪِٿي هَلوُن؟ ديدِيءَ کان پُڇ.

رام : سُنيِتا ديدِي! ٻُڌايو ڪِٿي هَلوُن؟

سُنيتا : جانورن جو باغ ڏيکارڻ وَڃِي هلو!
(سڀ جانورن جو باغ گُهمڻَ وَيا)



دادا : جانورَن کي نُقصانُ نَہ پَهُچا يو.

رام : ها جانورنِ تي دَيا ڪَرڻُ گُهرجي.

دادا : بَرابر. اِهو وڏو جانور هاٿِي آهي.

سُنيتا : هيءُ شِينهُن طاقَتوَر آهي!

رام : ڏِسو وَڻن تي باندر ٽِپا ڏين ٿا.

سُنيتا : دادا اَڄُ گهڻو مَزو آيو!







ماستر پالتو جانور ۽ جهنگلي جانورن بابت ڄاڻ ڏيندو. ٻارن کهڙا کهڙا جانور ڏِٺا آهن اُن بابت پُڇندو. ماستر ٻين جانورمثال رِڇُ، لوُمڙ، هرڻ، ٻڪرِي، سهو وغيره بابت ڄاڻ ڏيندو ۽ ٻارن کي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائيندو. لئبرريءَ مان جانورن جي چِترن ۽ آکاڻيءَ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

# ۳۹. جانورَ

ڏِسو جاچيو ۽ هيٺ ڏنل چِترن مان ”پالتو جانور“ ۽ ”جهنگلي جانور“ سُڃاڻو.




(۱) ماستر پالتو ۽ جهنگلي جانورن ۾ فرق پڇندو. (۲) ماستر ٻيا پالتو ۽ جهنگلي جانور پُڇندو.

# ۴۰. عجيبِ دُنيا

ڏِسو ۽ هن عجيب دنيا جو مزو ماڻيو.



ماستر ٻارن کي جانورن جي عجيب دنيا ڏانهن وٺي ويندو. اَهڙي نموني ڪلپنا شڪتي وڌائڻ لاءِ ٻارن کان جدا جدا سوال پڇندو. مثال : (١) مان ڪهڙو جانور پسندو ڪندو آهيان؟ (٢) جيڪڏهن مان پکي هُجان ها .... جيڪڏهن مان ماستر هجان ها .... اَهڙي نموني سوال پُڇي ٻارن کان ڪِردار ڪرائيندو.

# ٤١. اَچو تہ ڏُڌُ ناهِيون

**گھربَل سامان : ڏهي، پاڻي، لوڻ، جيرا پائوڊر، ساوا داڻا**



ڏهيءَ کي ولوڙڻ



پاڻي مِلائي ولوڙڻ



لوڻ ۽ جيرا پائوڊر ملائڻ



ساوَن داڻن سان سجائڻ

هيٺ ڏنل چِتر ۾ رنگ ڀريو.



# ٤٣. ڏِسو ۽ لِکو



| | |
|---|---|
| زَنجِيرَ | زَنجِيرَ |
| طاقَتَ | .................. |
| مِٺائِي | .................. |
| پَلَنگُ | .................. |
| ڪاغَذَ | .................. |
| وَندِنا | .................. |
| ڪارِخانا | .................. |
| ثَوابُ | .................. |
| عِزَتَ | .................. |

| | |
|---|---|
| رانديڪا | .................. |
| مَضبُوط | .................. |
| خَرِچِي | .................. |
| جَهنگَلُ | .................. |
| ڪَسِرَتَ | .................. |
| دوسُتَ | .................. |
| آڪيرو | .................. |
| زيوَرَ | .................. |
| ڪيرِٽِي | .................. |



ماستر اَکرن مان لفظ، لفظن مان جُملو ٺهندو آهي، اِهو مثالن سان سمجهائيندو. لفظ لِکائڻ جو اَڀياس ڪرائيندو.
جدا جدا لفظ بورڊ تي لِکي ٻارن کي سُڃاڻ جي راند ڪرائيندو.

## ٤٤. اَچو تہ جُملا لِکون.

جُملا پڙهو ۽ سُهڻِن اَکرن ۾ لِکو.

(١) مان روز اِسڪُول ويندُس.

..............................................................

(٢) مان ديش جي شيوا ڪَندُس.

..............................................................

(٣) ڪُڙمِي اَناج پوکيِندو آهي.

..............................................................

(٤) وَڻَ اَسان جا دوست آهِن.

..............................................................

چِتر ڏسي جملا لِکو.

(١)



..............................................

..............................................

(٢)



..............................................

..............................................

ماستر ٻارن کان سؤلا سؤلا جُملا ٻڌائي چوائيندو. جُملا لِکڻ جو اَڀياس ڪرائيندو ۽ صوُرتخطي وٺندو. ممڪن هجي تہ جُملن جو مطلب پُڇندو يا ٻارن کي مدد ڏيئي، جواب ڪڍائيندو.

## ٤٥. صحيح ڇُهاءُ / غلط ڇُهاءُ




توهان جا ماتا پتا، ڏاڏو ڏاڏِي توهان کي پيار ڪن ٿا ۽ تيار ڪن ٿا، توهان جي سنڀال لهن ٿا.



ڊاڪٽر مائٽن جي سامهون تپاس ڪن ٿا.



ڪيرُ غلط ڇُهاءُ ڪري تہ توهان ڇا ڪندا؟

- وڏي آواز ۾ چئو ’نہ‘.
- اُتان جلدي هلي وڃو.
- مدد لاءِ پُڪاريو.
- توهانکي وشواس هوندڙ ماڻهوءَ کي ٻُڌايو.



ٻارن کي مُناسب ڇُهاءُ بابت چِترن ذريعي سمجهايو.

# ۴۶. مَشغُولي - ۴

## پڙهو ۽ لِکو.


کارا کارا بادَلَ


راڌا ماني کاڌي


اُما اُٿ


اَڇا اَڇا هَنسَ


شِيام تاڙِي وڄائي


ڪَريلو سائو آهي


تِکا تِکا مِرچَ


رامَ قلَمُ کَڻُ


اَچُ تہ پِينگهہ لُڏُون


وِملا بَصَرَ وَڍِ


رَما باسَڻُ رَکُ


ٿيلهو نيرو آهي

## پَڙهو ۽ سُهڻِن اَکرنِ ۾ لِکو.

| | |
|---|---|
| ۱. مالا وَڄُ. | ............................................ |
| ۲. رامَ ڪِتابُ ڏِسُ. | ............................................ |
| ۳. هَرَڻَ تِکي دوڙ پاتي. | ............................................ |
| ۵. شامَ بوٽُ وَڻَ هَلُ. | ............................................ |

ماستر ٻارن کان جُملا چوائيندو ۽ لِکڻ جو اَڀياس ڪرائيندو.

# ۴٧. هَلو، هلوُن ميلي ۾



ٻُڌو، اَداڪاريءَ سان ڳايو. ميلي بابت ٻُڌايو.





هَلو، هَلوُن ميلي ۾،
سَپيئِيِ گَڏِجِي ميلي ۾.




مَمِي هلي، پاپا هَلي،
ٻَبلوُ هَلي، ٻَبِلِي هَلي،



سونوُ هَلي، مونا هَلي،
هَلو، هَلوُن ميلي ۾.

نَچوُن ٽَپوُن ميلي ۾،
جهوُلا جهوُلِيون ميلي ۾،



ڪائوُن، پيئون ميلي ۾،
هَلو، هَلوُن ميلي ۾.





## اچو تہ لِکُون

**(۱) هڪ سِٽ ۾ جواب لِکو.**

۱. سِپيئِي گڏجي ڪِٿي ويندا؟ ..........................

۲. ٻار ميلي ۾ ڇا ۾ جهوليندا؟ ..........................

**(۲) سِٽون پوريون ڪريو.**

۱. سونُو هلي ..........................

۲. مِمي هلي ..........................

۳. نَچُون ٽپُون ..........................



**(۳) جوڙا ملايو.**

۱. گِسڪَڻ



۲. سِي - سا



۳. ميرِي گو رائونڊ



۴. جهوُلا





ماستر چِتر بابت سوال پُڇندو. ٻارن کڏهن ميلو ڏِٺو آهي، اِهي آزمودا ٻارن مان ڪڍائيندو. ميلي کان پوءِ ٻار ٻيا ڪهڙا هنڌ گُهميا آهن، اِن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندو. لئبرريءَ مان گهمڻ جي هنڌن بابت ڪتاب پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

# ٤٨. بيهڪ جون نِشانيون - ٢

## سوال جي نِشاني

جڏهن ڪو سُوال پُڇندو آهي تہ جُملي جي پڇاڙيءَ ۾ (؟) نشاني لڳائبي آهي. اِن نِشانيءَ کي سُوال جي نِشاني چئبو آهي.

؟

مثال : (١) ڇا توهان کي اَنبَ وڻندا آهن؟

(٢) اِندلِٺ ۾ گهڻا رَنگ آهن؟

(٣) رام پوني ڪڏهن ويو؟

### ١. مِثال سمجهي جُملا لِکو ۽ آخر ۾ سوال جي نِشاني لِکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مثال : | ڪتي | تاجمحل | آهي | : تاجمحل ڪتي آهي؟ |
| (١) | ڪاڏو | رام | ڇا | : ........................ |
| (٢) | اِنعام | ڪنهن | کٽيو | : ........................ |
| (٣) | آهيو | توهان | ڪيئن | : ........................ |

### ٢. هيٺ ڏنل ڇُوڪنڊن ۾ پورو دم يا سُوال جي نِشاني وِجهو.



(١) توهان ڪڏهن ميلي ۾ ويندا ☐

(٢) اَسان راند ڪريون ٿا ☐

(٣) راجا چور کي سزا ڇو ڏني ☐

## ٤٩. اَچو تہ ڳالهيون ڪريون



**ماستر :** توهان جي گهرَ ۾ ڪيرُ ڪيرُ آهي؟

**شيام :** سائين گهرَ ۾ ماں، مُنهِنجي پيڻ ،
ڏياءُ ۽ ممي پپا آهن.



**ماستر :** تُنهنجو پِتا ڇا ڪندو آهي؟

**شيام :** مُنهِنجو پِتا وَڪيل آهي.

**ماستر :** تُنهنجِي ماتا ڇا ڪندِي آهي؟

**وَنيتا :** مُنهِنجِي مَمِي ماستريِاڻي آهي.



**ماستر :** مَنيش تون ڪُجهہ ٻُڌاءِ.

**مَنيش :** سائين مُنهنجو پِتا ڊاڪٽر آهي،
مَمِي بئنڪ ۾ مئنيجر آهي.
چاچي ڪي ڪِرياني جو دُڪان آهي.



**ماستر :** اَسانکي سَڀِني پيشَنِ
جو آدَرُ ڪَرَڻُ گُهرجي.



ماستر جُدا جُدا پيشَنِ جي ڄاڻ ڏِيندو. هرهڪ ٻار کي ٻَهِرو وَٺڻ جو مؤقعو ڏِيندو. چٽرن ۾ آيل پيشن بابت سوال پُڇندو. مثال : (١) اِسڪول ۾ ڪير پڙهائيندو آهي؟ (٢) وڪيل ڪٿي ڪم ڪندو آهي؟ اَسان کي سڀني پيشن جو قدرُ ڪرڻ گهرجي، اِهو سمجهائيندو.

# ٥٠. پيشا

ٻُڌو، سَمجھو ۽ ٻُڌايو.

مان ماسترِياڻِي آهِيان.
مان ٻارَن کي پَڙهائِينديِ آهِيان.





مان نَرِس آهِيان.
مان مَرِيضن جي سَنڀالَ ڪنديِ آهِيان.

مان ڪُڙمي آهِيان.
مان کيتِي ڪنديِ آهِيان.





مان سِپاهي آهِيان.
مان مُلڪ جي رَکوالي ڪَنديِ آهِيان.

مان ڊاڪٽر آهيان.
مان بيِمارن جو عِلاج ڪَنديِ آهِيان.





مان هَواباز (پائلٽ) آهِيان.
مان هَوائِي جَهاز هلائِينديِ آهِيان.

مان واڍو آهِيان.
مان ڪاٺ مان ڪيترِيُون ئي شيوُن ناهِينديِ آهِيان.





مان لوهار آهيان.
مان لوهـ جو سامان تيار ڪنديِ آهِيان.



ماستر مٿين پيشَنِ جي وڏيڪ ڄاڻ ڏِيندو. هرهڪ ٻار کي ٻَهِرو وَٺڻ جو مؤقعو ڏِيندو. ماستر شاگردن سان ٻين پيشن بابت ڳالھ ٻولھ ڪندو. مثال : جڄُ، وڪيل، پوليس وغيره.

# ٥١. هَمَ آوازي لَفظَ

هيٺِ ساڳِئي آواز وارا لَفظَ ڏِنل آهنِ.
اِنهن کي هَمَ آوازِي لَفظ چئبو آهي.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| نلُ | ٻَلُ | ڦَلُ | کَٽَ | مَٽَ | وَٽَ |
| هَٽَ | نَٽَ | رَٽَ | ڳَپَ | لَپَ | ڇَپَ |
| کيڪُ | سيڪُ | نيڪُ | ٻارَ | هارَ | وارَ |
| راتِ | ذاتِ | لاتِ | مور | چور | ڏور |

چؤکنڊي مان مُناسِب لَفَظ چونڊي بيٺ پورو ڪريو.



بي شُمار، خَبردار، دَلڙِي، ٻِلڙِي

واهه ڙي مُنهنجِي ..................................

توسان اَٿم ..................................

رات رهي ٿي ..................................

کوئا ماري ٿي ..................................

ماستر ٻيا جُدا جُدا مِثال کڻِي ٻارن کي هَمَ آوازي لَفَظ سمجهائيندو. هم آوازي لَفظ کم آڻي نئون بيٺ ٺاهڻ لاءِ هِمٿائيندو.

# ۵۲. ڀاڃِيُون

ٻڌو، ڳايو ۽ ڳالھ ٻولھ ڪريو.








سايُون سايُون ڀاڃِيُون ڪائُون.
تازِيُون تازِيُون ڀاڃِيُون ڪائُون.
پالَڪ، ميٿِي، گوبِي ڪائُون.
تورِيُون، ڀينڊِيُون، مورِيُون ڪائُون.




ڳاڙھا ٽَماٽا، پيزَ، پٽاٽا،
پينو، سورَڻُ، ڪَدوُ ڪائُون.
سِملا مِرچَ، ڪَريلا، ميھا،
واڱَڻ، بَصَرَ، گوگَڙُون ڪائُون.
سايُون سايُون ڀاڃِيُون ڪائُون.
تازِيُون تازِيُون ڀاڃِيُون ڪائُون.










## اَچو تہ لِکون

### (١) هينئين سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو.

١. ميٿيءَ جو رَنگُ ڪهڙو هُوندو آهي؟
٢. ڪِنِ ٻہ ٻِنِ ڀاڄيُنِ جا نالا لِکو.
٣. سَڀِ کان وَڏيڪ ڪهڙي ڀاڄي وَڻندي آهي؟
٤. 'پ' شروع ٿيندڙ ڇئِنِ ڀاڄِيُنِ جا نالا لِکو.

### (٢) خال ڀريو.

١. .................. ڀينڊيُون، مُوريُون ڪائون.
٢. .................. ٽماٽا، پيز پٽاٽا.
٣. .................. مِرچَ، ڪَريلا، ميها.

### هَمَ آوازي لَفظَن جا خال ڀريو.

| | | |
|---|---|---|
| (١) ڪار - ٻار - چار | ......... | ......... |
| (٢) مَٽَ - هَٽَ - وَٽَ | ......... | ......... |
| (٣) واهه - ساهه - چاهه | ......... | ......... |
| (٤) روٽي - سوٽي - لوٽي | ......... | ......... |



ماستر ڀاڄيُن کائڻ جي اَهميت سمجهائيندو. ڀاڄيون کائڻ صِحت لاءِ فائديمند آهن، اِهو ٻُڌائيندو. ٻارن کي ٻاهريون کاڌو، فاسٽ فوڊ وغيره کائڻ مان نُقصان سمجهائيندو. ماستر هم آوازي لفظن جو اَڀياس ڪرائيندو.

# ٥٣. باغِيچو

## پُڙهو ۽ لِکو.

گهرَ پرِسان سُهِڻو باغُ آهي. باغَ ۾ روزُ ويندا آهيوُن. پِينگهنِ تي لُڏندا آهِيون. راندِ لاءِ گِسڪَڻِ، سِي-سا آهن. گُلَنِ جا بوُٽا لَڳَلَ آهِنِ. گُلاب، رابيل، موگرو وغيره.

گُلَنِ جي چوڌارِي پوئنرا ڦيرا پائِيندا آهن. اُتي اَنبَنِ، زيتوُننِ ۽ اَنجيرنِ جا وَڻَ پِڻُ آهِنِ. باغَ ۾ وَڃَڻَ سان دِل خوشِ ٿِي ويندِي آهي.





## اَچو تہ لِکون

### (١) چوڪُندن ۾ صحيح جواب لِکو.

١. باغَ ۾ راندِ لاءِ شَيوُن

٢. گُلَن جا ٻوٽا

٣. باغَ ۾ لَڳَل وَڻ

### (٢) چوڪندي ۾ ڏِنل لَفظَن مان جُملا تيار ڪريو.

(راڏا، بال، اُٺ، ڪُڻُ، وَڄُ، تيلهِي، رڪُ)

١. ............................................ ٢. ............................................

٣. ............................................ ٤. ............................................

### (٣) چِترِ ڏِسي لَفظ لِکو.






ماستر ٻارن کان لفظن مان جُملا تيار ڪرائيندو. لِکڻ لاءِ چوندو.

# ٥٧. هَفِتي جا ڏِينهَن

ڳايو. هفتي جي ڏينهن بابت ڳُڌايو.



هَفِتي ۾ ڏِينهَن سَت.
سُومَرُ پوءِ مَنگَلِ وار.
مَنگَلَ کان پوءِ ٻُڌَرُ.
ٻُڌَرَ کان پوءِ وِسپَتِ.
وِسپَتِ کان پوءِ جُمع.
جُمعي کان پوءِ ڇَنِڇَرُ.
ڇَنِڇَرَ کان پوءِ آرِتوار.
آرِتوارُ موکل جو ڏِينهُن.

سُومَرُ

مَنگَلَ

ٻُڌَرُ

وِسپَتِ

جُمع

ڇَنِڇَرُ

آرِتوار



# اَچو تہ لِکون

**(۱) برئکيٽ مان مُناسِب جواب ڳولهي خال ڀريو.**

( آرتوار پُڱر )

۱. مَنگَل کان پوءِ ........... .

۲. ........... موکل جو ڏِينهُن .

**(۲) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.**

۱. هَفتي ۾ گَهڻا ڏِينهَن ٿيندا آهِن؟

۲. جُمعي کان پوءِ ڪَهِڙو ڏِينهُن؟

۳. هَفِتي جو پَهرِيون ڏِينهُن ڪَهِڙو ؟

**(۳) مِثال سمجهِي چوڪنڊي ۾ ڏِينهن جو نالو لِکو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| مثال : | پُڱر | وِسپت | جمع |
| (۱) | سومر | | پُڱر |
| (۲) | | ڇنڇر | |
| (۳) | آرتوار | | |
| (۴) | | | مَنگَل |



ماستر هفتي جا ڏينهن ياد ڪرائيندو. اَڄ، سُڀاڻي، ڪالهہ اِنهن لفظن کي سمجهائيندو. ڏينهن بابت سوال پُڇندو.
مثال : (۱) ڪالهہ ڪهڙو ڏينهن هو. (۲) توهان کي ڪهڙي ڏينهن موڪل هوندي آهي؟ (۳) گذريل پُڱر ڏينهن توهان ڇا ڪيو؟ وغيره.

# ٥٠. ڳُڏِي


ٻڌو ۽ ڳايو.





هِڪُ ٻہ ٽي،
اَمان ڳُڏِي آڻي ڏي.
ٻہ ٽي چارِ،
ڪَرِيان ڳُڏيءَ کي پيارُ.




ٽي چارِ پَنجَ،
وِهارِيان ڳُڏيءَ کي هَنجَ.
چارِ پَنجَ ڇَهہ،
پايان ڳُڏيءَ کي ڳَهہ.




پَنجَ ڇَهہ سَتَ،
سوني ڳُڏيءَ جي نَٿَ.
ڇَهہ سَتَ اَٺَ،
ڏِسُ ڳُڏيءَ جا نَٽَ.




سَتَ اَٺَ نَوَ،
ڳُڏيءَ کائي ڪيا ڏِوَ.
اَٺَ نَوَ ڏَهہ،
ڳُڏِي ٻِهڪي ٻَهہ ٻَهہ.


ماستر سُر سان بيتُ ڳائي ٻڌائيندو ۽ اُن ذريعي ٻارن کي اَنگن جي ڄاڻ ڏيندو.

# اَچو تہ لِکون

۱. هَمَ آوازي لَفظ ڳولهِيو.

(۱) ڇَھَ - ......................

(۲) اَٺَ - ......................

(۳) ڏَھَ - ......................

۲. ڇؤکنڊي ۾ مُناسب لفظ لِکو.

(۱) هڪ [ ] ٽي

(۲) پَنج ڇَھَ [ ]

(۳) [ ] نَوَ ڏَھَ

(۴) چار [ ] ڇَھ

۳. خال ڀَرِيو.

(۱) گُڏيءَ کي ...................... ۾ وِهاريو.

(۲) گُڏيءَ ڪائي ڪَيا ......................

۴. اَڻ ٺهڪندڙ لَفظ مَٿان گول پايو.

(۱) گُڏي، رانديِڪو، گُڏو، دروازو

(۲) هنج، هٽ، گود، کَڇ

هيٺ ڏنل چِتر ۾ رنگ ڀريو.



# ٥١. سُٺيون عادتون

## پڙهو ۽ عمل ۾ آڻيو.



سَويلَ سُمهجي، سَويلَ اُٿجي.



صُبح جو اُٿي ۽ سُمهڻ کان اڳ ۾ پرارٿنا ڪجي.



وڏن کي پرڻام ڪَجي.



ڇِڪُون اَچڻ وَقت رومال ڪم آڻجي.



اُٻاسي اَچڻ وقت وات تي هٿ رکجي.



پَنهنجيون شيون جڳهه تي ٺاهي رکجن.



وَنڊي وِرڇي کائِجي.



بُزرگن جي شيوا ڪَجي.



وڏن جي وچ ۾ نه ڳالهائجي.

ماستر سُٺين عادتن ۽ خراب عادتن بابت سمجهائيندو. ٻُڌ ٿَڇ ۽ ٻڌ ٿَڇ سمجهائيندو. هڪ سُٺي عادت جو مثال ڏيئي، سُٺي عادت ٻارن کان پُڇي راند ڪرائيندو. مثال : (١) ماستر : اَسان کي ٻين جي مدد نه ڪرڻ گُهرجي. ٻار چوندا : اَسان کي ٻين جِي مدد ڪرڻ گُهرجي. (٢) ماستر : اَسان کي پالتو جانورن کي مارڻ گهرجي. ٻار چوندا : اَسان کي پالتو جانورن کي مارڻ نه گهرجي.

# ٥٢. مَدَدَگار هاٿي

شام جو وقتُ هو. سَها جَهَنگل ۾ راندِ ڪَري رَهِيا هُئا. پَرِيان هِڪُ شينهُن سَهَنِ کي ڏِسِي رَهِيو هو.



سَهَنِ جي نَظَرَ شِينهَن تي پيئِي هوُ ڏَڪي وَيا. پَنهِنجي جانِ بَچائِڻَ لاءِ ڊُڪَڻَ لَڳا. ڊُڪَندي ڊُڪَندي نَدِيءَ جي ڪِناري پَهُتا.



نَدِيءَ ۾ هاٿي سِنان ڪَري رَهِيو هو. سَهَنِ هاٿيءَ کي چَيو. ”اَسان کي بچايِو.“ هاٿي سَونڊِ تي ويهاري. نَدِيءَ جي ٻِئي پارِ پَهُچايو.



هاٿيءَ سوُنڊِ ۾ پاڻي پريو. تيز ڦوُهارو هَڻِي. شِينهَن کي پَڇائي ڪَڍِيو. سَها اِهو ڏِسِي ٿَپا ڏِيڻَ لَڳا.





## اَچو تہ لِکون

**(١) هِڪ لَفَظ ۾ جوابُ ڏِيو.**

١. سَها ڇا ڪَري رَهِيا هُئا؟

٢. سَها ڇو ڏُڪِي ويا؟

٣. هاٿِي ڇا ڪَري رَهِيو هو؟

**(٢) برئڪيٽ مان مُناسِب لَفَظ ڳولهي خالَ ڀَرِيو.**

١. سَهَنِ جي نظَرَ ................. تي پيئي.

(گِدڙ، بَگهڙَ، شِينهَن)

٢. سَها ڏَڪندي ................. جي ڪِناري تي پهُتا.

(نَدي، سَمُنڊَ، تَلاءُ)

٣. نَديءَ ۾ ................. سِنان ڪَري رَهِيو هو.

(هَرَڻُ، هاٿِي، چِيتو)



## مَشغوُلِي

**اَڻَ نِهڪندڙَ لَفَظ مَٿان مِثال سَمجهِي گول پايو.**

مِثال : شامِ، مَنجهَندِ، رات، (ميز)

١. جهَنگَلُ، وَڻَ ٽِڻَ، پَنکو، پِيلو

٢. سَهو، هَرَڻُ، بِسڪيٽ، رِڇُ

٣. وينَتِي، عرض، دَبو، پِرارٿِنا



ماستر مددگار هاٿِي آڪاڻي سمجهائي ٻين جي مدد ڪرڻ، مُصيبت ۾ ساٿ ڏيڻ وغيره بابت ٻيا ڪيترا مثال ڏيئي سمجهائيندو. ٻارن اَندر گڏجي رهڻ، ٻين کي مدد ڪرڻ جهڙا گُڻ وڌائيندو. ماستر ٻارن کان ٻُڌل آڪاڻيون ٻُڌائڻ لاءِ چوندو. لئبرريءَ ۾ ننڍين آڪاڻين جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

## مَشغوُلِي - ۴

### چوُڪندي ۾ ☑ يا ☒ ڪَريو.

۱. اَمن دير تائين سُمهَندو آهي. ☐
۲. گيتا ننڍي ياءُ جو خَيالُ رَکَندِي آهي. ☐
۳. مَنوج هَٿَ ڌوئي روٽِي کائِيندو آهي. ☐
۴. وِنود ماءُ پيءُ جو چَيو مڃِيندو آهي. ☐
۵. وِملا دير تائِين ٽِي.وِي. ڏِسندِي آهي. ☐

### چِتر ڏسي جملا پورا ڪريو.



۱. هيءُ ......... آهي.
هن جو رنگ ......... آهي.
هيءُ هڪ......... جانور آهي.
هيءُ گهر جي ...... ڪندو آهي.



۲. هيءُ ......... آهي.
هن ۾ ......... ڪانٽا آهن.
۱ اَنگ کان ...... اَنگَ ڏِنل آهن.
هيءُ اَسانکي ........... ٻڌائيندو آهي.

### مِثال موُجب مَشغوُلِي پوُري ڪَرِيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مِثال - | م | ماستر | مُکي | مزدوُر | ڪِتاب |
| ۱. | و | وِڪيل | سُئِي | وِڇوُ | واڱڻُ |
| ۲. | ن | نَرِس | نَڪُ | چَشِمو | ٽَٽَ |
| ۳. | پ | پائِلَٽ | پوپَٽ | پئِسو | ڪُرِسي |
| ۴. | د | دَرزِي | دُهِلُ | ڪاغَذُ | دَرُ |

# ۵۳. ٻارِنِ جي ريلَ

ٻڌو، ڳايو ۽ ريل گاڏي ناهي راند ڪريو.

اَچو تہ ٻارو ريلَ ٺاھيون،
جَلدُ سَپِنِ کي ماڳِ پُڄايوُن.
اَرجَنُ ٻِجلي اِنجِڻِ ايِندو،
ٽوپَڻُ ايِندو ٻِجلي ٽيِ.ٽيِ،
سِيٽلُ هَٽَندو زورَ سان سيِٽيِ.
اَچو تہ ...



ٽِڪيٽَ ڪَمپِيوُٽَرَ تي مِلَندي،
بَرِٿ فونِ تي پَڪي بہ ٿيِندي،
جَھامنُ سائيِ جَھنڊِي جھليِندو،
دوَلتُ جَھِٽ وِکَ پَڪڙيِندو.
سيَر سَپِنِ کي سُٺو ڪَرايوُن،
اَچو تہ ...





## اَچو تہ لِکون

### (١) هينِئَنِ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو.

١) ريلَ جي اِنجِڻُ ڪيرُ ہَلائيندو؟

٢) ريلَ جي ٽِڪيٽَ ڪِٿي مِلَندي؟

٣) سائِي جهنڊِي ڪيرُ جهلِيندو؟

### (٢) هينِئَنِ جا جوڙا مِلايو.

| ب | اَلف |
|---|---|
| ١. ڦِڪي ٿِي تِيندي | ١) اَرجُنُ ہِلجي |
| ٢. وِکَ ڦِڪڙِيندو | ٢) ٽوپِڻُ ايندو |
| ٣. اِنجِڻَ ايندو | ٣) ہَرِتُ فونِ ٿي |
| ٤. ہَلجي ٿي.ٿي | ٤) دولَتُ جَهِتِ |

### (٣) جوڙا مِلايو.

١) ريلَ گاڏِي

١. رستو

٢) هَوائِي جَهاز

٢. پتڙيون

٣) ٻيڙِي

٣. آسمان

٤) بَسِ

٤. ندِي



ماستر ٻارن کان سندن ريل ۾ سفر بابت آزمودا پُڇندو. پليٽفارم جو نظارو ڪيئن هوندو آهي، جدا جدا سوال پُڇندو. جدا جدا واهڻن جي ڄاڻ ڏيندو.

# سُوچنائون

بڌو، پڙهو ۽ عمل ۾ آڻيو.



**ماستر** : ٻارو اَڄ سُوچنائُون سَمجهُون،

انهن جو سِلسِلو بہ سَمجهُون.

هرديال ڪاڏي ڪائِڙَ وَقِت ڇا ڪندا؟

**هرديال** : سائين سَڀ ڪان اَڳُ.



(١) هَٿ-مُنهن ڌوئَي ڪائِوَ.

(٢) ڪائِڙَ وَقت ڳالهائِڙ نہ گهرجي.

(٣) ڀاڻي ۽ سان گُرڙيوُن ڪجن.

**ماستر** : سُٺي نَمُوني سِلسِلو ٻڌايو.



**ماستر** : هِڪُ سِلسِلو مان ٻڌايان ٿو.

(١) پَهرين زَمين ۾ ٻِجُ وِجهبو.

(٢) ٻَج مان ٻوٽو پيدا ٿيندو.

(٣) ٻوٽو وَڏي ڪري وَڻُ بَڻجندو.

(٤) وَڻن تي گُل ايندا.

(٥) گُلَن مان ميوا پيدا ٿيندا.

**ماستر** : وَڻندڙ راند بابت سوچنائون لِکو.

ماستر اَهڙي نموني ٻيا جُدا جُدا سوُچنائُن سَميت سِلسِلا ٻارن کان پُڇندو.

# ٢٠. گُفتَگُو (ڏِڻُ)

پڙهو، لِکو ۽ گُفتگُو ڪري ڏڻن بابت ڳالهه ٻولهه ڪريو.











**ماستر** : اَڄُ اَسان ڏِڻن بابَت پَڙهنداسِين.

**ماستر** : رَنگَنِ وارو ڏِڻُ ڪَهِڙو هوندو؟

**ڪارتِڪ** : هولِي

**ماستر** : ڪَرنِ، توکي ڪَهِڙو ڏِڻُ وَڻَندو آهي؟

**ڪَرنِ** : مونکي ڏِيارِيءَ جو ڏِڻُ وڻَندو آهي.

**اُما** : مونکي رَکڙِي ٻَنڌَن جو ڏِڻُ وَڻَندو آهي.

**مانوَ** : مونکي ٿڌڙيءَ جو ڏِڻُ وَڻندو آهي. مان لولا کائيندو آهيان.

**ماستر** : سِنڌِيُن جو نَئون سالُ ’چيٽِي چَنڊ‘ کان شروع ٿِيندو آهي. اَسان سِنڌِي چيٽِي چَنڊَ ڌُوم ڌامَ سان مَلهائِيندا آهِيون.

## اَچو تہ لِکون

**(١) هِڪَ سِٽَ ۾ جَوابُ لِکو.**

١. ڪَرنِ ڪي ڪَهِڙو ڏِڻُ وَڻَندو آهي؟ ......................

٢. رَنگَنِ وارو ڪَهِڙو ڏِڻُ هوندو آهي؟ ......................

٣. تِذڙيءَ ۾ مانوَ ڇا ڪائِيندو آهي؟ ......................

**(٢) هيٺِيان جُملا ڪَنهِن ڪَنهِن کي چيا آهن؟**

١. ”مونکي تہ تِذڙيءَ جو ڏِڻُ وَڻَندو آهي.“

٢. ”اَڄُ اَسان ڏِڻَنِ بابَتِ پَڙهنداسين.“

**(٣) ماستر هينين ڏِڻَنِ بابت پُڇندو، ٻُڌائيندو ۽ گُفتگوُ ڪرائيندو.**



ماستر ٻارن کي ڏڻن جي اَهميت سمجهائيندو. ٻارن کان ڏڻن بابت پسندي پُڇندو. ٻارن کي خاص ڏِڻ ڇو وڻندو آهي؟ اُهي اِن ڏڻ ۾ ڇا ڪندا آهن؟ وغيره سوال پُڇِي ڪِلاس ۾ سيني ٻارن کي ڳالهائڻ جو مؤقعو ڏيندو.

نمستي ٻارو!

جيڪڏهن توهانکي ٺيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، ته توهان چُپ ڪري نه ويهو. توهان ڳالهايو.

١. پنهنجو ٻاڻ کي ڏوهه نه ڏيو.
٢. اُن کي ٻُڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.
٣. توهان نئشنل ڪميشن فار پروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻُڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،
توهان منجهي ٿا وَڃو ۽ ڪُجهه نَٿا ڪري سگهو
توهانکي ”خراب“ نه لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.



هي بَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا
مُنجهيل يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار ..............
فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهه نمبر سُٺا هوندا آهن!
اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!

CHILD LINE 1098 NIGHT & DAY

چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فري
ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن
چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان
(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهيِ آهي.

نئين سماج ڏانهن
Towards a new dawn

# राज्यगीत

जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।

काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।



مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

₹ 61.00

बालभारती इयत्ता पहिली (सिंधी–अ.)